# غوثِ پاڪ جون ڪرامتون

هفتيوار سُنتن ڀريي اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنتن ڀريو بيان



اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ط

# غوثِ پاڪ جون ڪرامتون

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺندا ڪريو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرودِ پاڪ جي فضيلت

الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، دانائي غُيوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ارشاد مشڪبار آهي: بخيل آهي اهو شخص جنهن جي سامهون منهنجو ذڪر ٿئي، پوءِ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي. (مسند احمد بن حنبل، ج ۱،ص429، حديث 1736)

جائیں نہ جب تک غُلام خُلد ہے سب پر حرام

مِلک تو ہے آپ کا تم پہ کروروں دُرُود

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون



www.dawateislami.net

سٺيون نِيّتون ڪري ونون ٿا.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي. (المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

ٻه مدني گُل: (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.

(2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي بين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اُلجهڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله، تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ڪرڻ جون نِيّتون

آئون به نِيّت ڪريان ٿو ❁ الله جي رِضا حاصل ڪرڻ ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ بيان ڪندس ❁ ڏسي بيان ڪندس ❁ سيپاري 14 **سورة النحل** آيت نمبر 125: اُدْعُ اِلٰى سَبِيْلِ رَبِّكَ بِا لْحِكْمَةِ وَ الْمَوْعِظَةِ الْحَسَنَةِ



www.dawateislami.net

”ترجمو ڪنزالايمان: پنهنجي ربّ جي واٽ جي طرف سڏ پڪي سمجهه ۽ چڱي نصيحت سان“ ۽ بخاري شريف (حديث:4361) جي هن فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: بَلِّغُوْا عَنِّيْ وَلَوْ آيَة يعني ”منهنجي طرفان پهچايو جيتوڻيڪ هڪ ئي آيت هجي“ ۾ ڏنل احڪام جي پيروي ڪندس ❁ نيڪي جو حڪم ڏيندس ۽ بُرائي کان منع ڪندس ❁ شعر پڙهڻ، عربي، انگريزي ۽ ڏکيا لفظ ڳالهائڻ دؤران دل جي اخلاص تي توجُّهه رکندس يعني پنهنجي علميت جو ڌاڪو ويهارڻ مقصود ٿيو تہ ڳالهائڻ کان بچندس ❁ مَدَني قافلي، مَدَني انعامات ۽ علاقائي دوره براءِ نيڪي جي دعوت وغيره جي رغبت ڏياريندس ❁ ٺهڪ ڏيڻ ۽ ڏيارڻ کان بچندس ❁ نظر جي حفاظت بڻائڻ جي خاطر حتي الامڪان نگاهون جهڪائي رکندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مرغي زنده ڪري ڇڏي:

هڪ ڀيري، سرڪارِ بغداد، حضورِ غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن جي خدمت ۾ اهو چئي پنهنجو پٽ ڇڏي وئي تہ هي اوهان سان محبت ڪندو آهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي لاءِ هن جي تربيت فرمايو. پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه ان کي قبول فرمائي مجاهدي ۾ لڳائي ڇڏيو، هڪ ڏينهن ان جي ماءُ آئي، ڏٺائين تہ ڇوڪرو بُک ۽ شبِ بيداريءَ سان ڪمزور ۽ ڦڪو ٿي ويو آهي ۽ جوَ جي ماني کائي رهيو آهي، جڏهن غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه وٽ حاضر ٿي تہ ڏٺائين تہ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن جي سامهون هڪ ٿانو ۾ مرغيءَ جون هڏيون رکيل آهن، جنهن کي غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه



www.dawateislami.net

جن تناول فرمايو هو. عرض ڪيو! يا غوثِ اعظم رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ اوهان پاڻ تہ مرغي ڪائو ۽ منهنجو ٻچو جوَ جي ماني. هي ٻڌي غوثِ پاڪ رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جن پنهنجو هٿ مبارڪ انهن هڏين تي رکيو ۽ فرمايائون: قُوْمِیْ بِاِذْنِ اللّٰہِ الَّذِیْ یُحْیِ الْعِظَامَ وَ ھِیَ رَمِیْم يعني أٿ ان الله عَزَّوَجَلَّ جي حڪم سان جيڪو بوسيده هڏين کي زنده فرمائيندو. اهو فرمائڻ هيو ۽ مرغي فورًا زنده صحيح سلامت أٿي ڪري آواز ڪرڻ لڳي، غُوثِ پاڪ رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جن فرمايو: جڏهن تنهنجو پٽ هن درجي تي پهچي ويندو تہ جيڪو چاهيندو ڪائيندو.

(بهجة الاسرار، ص. 128)

وہ کہہ کر قُم بِاِذنِ اللہ جلا دیتے ہیں مردوں کو
بہت مشہور ہے احیائے موتیٰ غوثِ اعظم کا

جِلایا استخوانِ مرغ کو دَستِ کرم رکھ کر
بیاں کیا ہو سکے احیائے موتیٰ غوثِ اعظم کا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! اسان جي غوثِ اعظم رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جن جو مقام، بارگاهِ ربُّ الانام عَزَّوَجَلَّ ۾ ڪيتري قدر بلند ۽ بالا آهي پاڻ جڏهن ڪنهن مڙده مرغي کي الله عَزَّوَجَلَّ جي حڪم سان زنده ٿيڻ جو حڪم فرمائيندا هئا تہ ان مڙده مرغيءَ ۾ جان اچي ويندي هئي ۽ حڪم جي بجا آوري ڪندي پهرين طرح زنده ٿي ويندي. ياد رکو! بنا ڪنهن شڪ ۽ شبهي جي موت ۽ حيات الله عَزَّوَجَلَّ جي اختيار ۾ آهي پر الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي خصوصي نوازش سان پنهنجي ڪنهن مقرب نبي يا برگزيده ولي کي مڙده زنده ڪرڻ جي طاقت بخشي تہ هيءَ ڪا ناقابلِ تسليم ڳالهہ ناهي پڻ الله عَزَّوَجَلَّ جي عطا سان ڪنهن ٻئي کي اسان مڙدهہ زنده ڪرڻ وارو تسليم



www.dawateislami.net

ڪيون ته ان تي اسان جي ايمان تي ڪو به اثر نه پوندو. جيڪڏهن شيطان جي ڳالهين تي اچي ڪري ڪنهن پنهنجي ذهن ۾ اهو ويهاري ڇڏيو ته الله عَزَّوَجَلَّ ڪنهن ٻئي کي مرده زنده ڪرڻ جي طاقت ئي ناهي ڏني ته ان جو اهو نظريو قرآن جي حڪم جي خلاف آهي جيئن ته پارو 3، سوره آل عمران جي آيت نمبر 49 ۾ حضرت سيدنا عيسٰي روح الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیۡهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جن کان ارشاد نقل ڪيو ويوآهي.

وَ اُبۡرِئُ الۡاَکۡمَهَ وَ الۡاَبۡرَصَ وَ اُحۡیِ الۡمَوۡتٰی بِاِذۡنِ اللّٰهِ ۚ

ترجمو ڪنز الايمان: ۽ مان شفا ڏيندو آهيان پيدائشي انڌن ۽ سفيد داغ وارن کي ۽ مان مرده زنده ڪندو آهيان الله جي حڪم سان

منا منا اسلامي ڀائرو! آيت مبارڪ مان واضح طور خبر پئي ته حضرت عيسٰي روح الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیۡهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام مرده زنده ڪرڻ پنهنجي طرف نسبت ڪندي ارشاد فرمايو ته ”مان مرده زنده ڪندو آهيان“. مگر گڏوگڏ هي به فرمايو ته ”الله جي حڪم سان“ يعني منهنجو مردن کي زنده ڪرڻ وارو معجزو الله جي حڪم ۽ ان جي عطا سان آهي.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! اولياء جي طبقي ۾ محبوبِ سبحاني، غوثِ صمداني، قنديلِ نوراني، شهبازِ لامڪاني، الشيخ عبدالقادر جيلاني رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَیۡه الله عَزَّوَجَلَّ جا اُهي مقرب ترين ولي آهن، جيڪي تمام اولياء ڪرام جا سردار آهن ۽ ان جي شخصيت عوام ۽ خواص سڀني جي لاءِ



www.dawateislami.net

عقيدت ۽ احترام جي لائق آهي، پاڻ رَحمَۃُاللہِتَعَالٰی عَلَیْہ نہ صرف ڪثير الڪرامت بزرگ آهن بلڪ الله عَزَّوَجَلَّ پاڻ کي ٻين اولياء ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی کان وڌيڪ ڪرامتن ۽ انعامن سان نوازيو آهي. جيئن تہ،

## موتين جي لڙهي

خاتم المحدثين، حضرت سيّدِنا شيخ عبدالحق محدث دهلوي رَحمَۃُاللہِتَعَالٰی عَلَیْہ فرمائن ٿا: اولياءَ جا مشائخن مان ڪير بہ ڪرامتن جي لحاظ کان اوهان (غوث اعظم رَحمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ) جي هم مقابل نہ هيو. ايتري تائين جو ڪجھ مشائخن فرمايو تہ پاڻ رَحمَۃُاللہِتَعَالٰی عَلَیْہ جن جي ڪرامتن جو حال تہ موتين جي لڙهي جهڙو آهي جڏهن ٽُٽَندي آهي تہ هڪ کان پوءِ ٻيو موتي ڪرڻ لڳندو آهي پڻ پاڻ رَحمَۃُاللہِتَعَالٰی عَلَیْہ جن جي ڪرامتن جو تعداد شمار کان ٻاهر آهي.

(اشعۃ اللمعات، ج ۴، ص 610)

پاڻ رَحمَۃُاللہِتَعَالٰی عَلَیْہ جن جي ذاتِ بابرڪت تہ ڪرامتن ۽ ڪمالن چشمو آهي ئي، صرف پاڻ جي مبارڪ نالي جي هيءَ برڪت آهي تہ جتي پڪاريو وڃي موذي جانورن کان ڇوٽڪارو ملي ويندو آهي. جيئن تہ منقول آهي تہ جيڪو شخص شينهن جي سامهون اچي تہ حضور غوثِ اعظم رَحمَۃُاللہِتَعَالٰی عَلَیْہ جن جو نالو وٺي، تہ شينهن ان تي حملو ناهي ڪندو. (نزهۃ الخاطر، ص. 25)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڪرامت جي تعريف ۽ ان جو حڪم

دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبۃ المدينہ جي مطبوعہ 342 صفحن تي مشتمل ڪتاب "ڪراماتِ صحابہ" جي صفحي 36 تي آهي تہ



www.dawateislami.net

مومن متّقيءَ کان جيڪڏھن ڪا اهڙي نادرُالوجود ۽ تعجب خيز شيءِ صادر ۽ ظاهر ٿي وڃي ته جيڪا عام طور تي عادتًا نه ٿي سگهي ته ان کي ڪرامت چوندا آھن. اهڙي قسم جون شيون جيڪڏھن انبياء عَلَيۡهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کان اعلانِ نبوت ڪرڻ کان پهريان ظاهر ٿيون هجن ته **اِرهاص** ۽ اعلانِ نبوّت کان پوءِ ظاهر ٿيون هجن ته معجزو چورائيندون آھن ۽ جيڪڏھن عام مؤمن کان اهڙين شين جو ظهور ٿئي ته ان کي مَعُونَت چوندا آھن ۽ ڪنهن ڪافر کان ڪڏھن ان جي خواهش جي مطابق هن قسم جي شي ظاهر ٿي وڃي ته ان کي اِسۡتِدرَاج چيو ويندو آهي. (النبراس شرح شرح العقائد، ص. 272)

صدرُ الشَّرِيعہ، بَدرُ الطَرِيقَہ حضرت علاّمہ مَولانا مُفتي امجَد عَلي اَعظَمي رَحۡمَةُاللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا ته ڪرامتِ اولياء حق آھي، ان جو منڪر گمراھ آھي. (بهارِ شريعت، حصه اول، ج 1، ص. 269) ڪرامت جون تمام گهڻيون قسمون آهن مثلاً مردن کي زنده ڪرڻ، انڌن ۽ ڪَوڙهِين کي شفا ڏيڻ، وڏي سفر ڪرڻ وارن رستن کي لمحي ۾ طي ڪري ڇڏڻ، پاڻي تي هلڻ، هوائن ۾ اُڏرڻ، دل جي ڳالهه ڄاڻي وڃڻ ۽ پري جي شين کي ڏسي ڇڏڻ وغيره وغيره........

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

اچو! هاڻي حضرت سيّدِنا شيخ عبد القادر رَحۡمَةُاللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جن جي خانداني پسِ منظر جو مختصر تذڪرو ۽ سندن رَحۡمَةُاللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جن جي شان ۽ عظمت جا واقعا ۽ ڪرامتون پڙهون ٿا ته جيئن اسان جي دلين ۾ اولياءُ الله رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی جن جي مزيد عقيدت، محبت ۽ عظمت پيدا ٿئي.



www.dawateislami.net

## غوثِ پاڪ جن جو نالو ۽ نسب

حضرت سيّدِنا شيخ عبد القادر جيلاني رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جن جي ولادت باسعادت پهرين رمضان سن 470 هجري سومر تي جيلان ۾ ٿي. پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جن جو نالو مبارڪ عبد القادر ۽ ڪنيت ابو محمد آهي پڻ محي الدين، محبوبِ سبحاني ۽ غوثِ الثقلين وغيره پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جن جا لقب آهن. پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جن جي والد ماجد جو نالو حضرت سيّدِنا ابو صالح موسٰي جنگي دوست رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه ۽ والده ماجده جن جو نالو اُمُّ الخير فاطمه رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡهَا آهي، پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه والد جي طرف کان حسني ۽ والده ماجده جي طرف کان حُسيني سيّد آهن. (بهجةُ الاسرار، ص. 171)، (تفريح الخاطر، ص. 58)

تُو حُسَيۡنِی حَسَنی کیوں نہ مُحِیُّ الدِّیں ہو     اے خِضَر مَجۡمَعِ بَحۡرَیۡن ہے چشمہ تیرا

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب!     صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## حيرت انگيز واقعا

حضرت سيّدنا عبد القادر جيلاني رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جن جي ولادت با سعادت جي وقت تمام گهڻا حيرت انگيز واقعا ظاهر ٿيا، سڀ کان وڏيڪ ڳالهه ته هي آهي ته سندن رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي پيدائش جي وقت والده ماجده حضرت اُمُّ الخير فاطمه رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡهَا جن جي عمر 60 سال هئي، ان عمر ۾ عام طور تي عورتن کي اولاد کان نا اميدي ٿي ويندي آهي، هي اللّٰه تعالٰي جو خاص فضل هو جو ان عمر ۾ حضور غوثِ اعظم رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه ان جي بطن مبارڪ مان پيدا ٿيا.



www.dawateislami.net

عمومًا ٻار جڏهن ماءُ جي پيٽ ۾ هوندو آهي ته اهو دنيا ۽ دنيا ۾ جيڪو ڪجهه به آهي، ان سڀ کان بلڪل بي خبر هوندو آهي، پوءِ جڏهن دنيا ۾ اچي ويندو آهي تڏهن به ان کي هوش سنڀالڻ ۾ گهڻو عرصو لڳي ويندو آهي پر قربان وڃو! سردارِ اولياءَ تان جو سندن جي ذاتِ بابرڪت کان ڪرامتن جو ظهور هن دنيا ۾ جلوه گري کان پهريان ۽ ولادت کان پوءِ به ٿيڻ لڳو. جيئن ته پاڻ اجان پنهنجي والده ماجده جي پيٽ ۾ هئا، جڏهن انهن کي نِڇَ ايندي هئي ۽ اها اَلْحَمْدُلِلّٰه چوندي ته پاڻ پيٽ ۾ ئي جوابًا يَرْحَمُكِ الله چوندا. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه پهرين رمضان المبارڪ سومر جي ڏينهن صبح صادق جي وقت دنيا ۾ جلوه گر ٿيا، ان وقت چَپ مبارڪ آهسته آهسته حرڪت ڪري رهيا هئا ۽ الله الله جو آواز اچي رهيو هو. (الحائق فی الحقائق، ج ۱، ص 139) جنهن ڏينهن اوهان جي ولادت ٿي، ان ڏينهن اوهان جي ديارِ ولادت جيلان شريف ۾ يارنهن سو (1100) ٻار پيدا ٿيا، اهي سڀ جا سڀ ڇوڪرا هئا ۽ سڀ ولي الله بڻيا. (تفريح الخاطر، ص. 58)

پاڻ پيدا ٿيندي ئي روزو رکي ڇڏيو ۽ جڏهن سج لٿو، ان وقت ماءُ جو کير نوش فرمايائون، سڄو رمضان اهو ئي معمول رهيو. (بهجة الاسرار، ص. 172)

پنجن سالن جي عمر ۾ جڏهن پهرين ڀيرو بِسْمِ الله جي رسم جي لاءِ ڪنهن بزرگ وٽ وينا ته اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم ۽ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم پڙهي ڪري سُوْرَةُ الفَاتِحَه ۽ آلم کان وٺي 18 پاره پڙهي ڪري ٻڌائي ڇڏيا. ان بزرگ پڇيو: پُٽ وڌيڪ پڙهه. فرمايائون: بس مون کي ايترو ئي ياد آهي، ڇو ته منهنجي والده کي به ايترا ئي ياد آهن، جڏهن مان پنهنجي والده جي پيٽ ۾



www.dawateislami.net

هيس، ان وقت اها پڙهندي هئي، مان ٻڌي ڪري ياد ڪري ڇڏيا هئا.

تُوہے وہ غوث کہ ہر غوث ہے شیدا تیرا　　تُوہے وہ غیث کہ ہر غیث ہے پیاسا تیرا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## سندن جو حليو مبارڪ

حضرت سيّدِنا ابو محمد عبد الله بن احمد رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا ته قطبِ ربّاني، غوثِ صمداني، شيخ عبد القادر جيلاني رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه ضعيف البدن، درميانه قد، ڪشاده سينو، گهاٽي ڏاڙهي، دراز (يعني ڊگهي) گردن، گندمي رنگت، مليل ڀرون، ڪاريون اکيون، بلند آواز ۽ گهڻا ئي علم ۽ فضل وارا هئا. (بهجة الاسرار، ص. 174)

قدِ بے سایہ ظِلّ ِکبریا ہے　　تُو اس بے سایہ ظِلّ کا ظِلّ ہے یا غوث

## شوقِ علمِ دين

حضرت سيِّدنا شيخ عبد القادر جيلاني رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جن جو علمِ دين حاصل ڪرڻ جو انداز سڀ کان نرالو هو، سندن جو شوقِ علمِ دين جو اندازو هن ڳالهه مان لڳايو ته پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا: مان پنهنجي طالبِ علمي جي زماني ۾ استادن کان سبق وٺي جهنگ جي طرف نڪري ويندو هيُس، پوءِ ڏينهن هجي يا رات، آنڌي هجي يا سخت بارش، گرمي هجي يا سردي، بيابانن ۽ ويرانن ۾ پنهنجو مطالعو جاري رکندو هيُس،ان وقت مان پنهنجي مٿي تي ننڍڙو عمامو ٻڌي ۽ معمولي ترڪاريون( ساوا پتا) کائي ڪري پيٽ جي بک کي ختم ڪندو هيس، ڪڏهن ڪڏهن ته ترڪاريون به



www.dawateislami.net

هٿ نہ ايندڙيون هيون، ڇو تہ ٻڪ جا ماريل پيا فقير بہ هيڏانهن جو رخ ڪندا هئا، پنهنجو مطالعو جاري رکندي، پوءِ ننڍ ايندي تہ خالي پيٽ ئي پٿرين واري پريل زمين تي سمهندو هيُس. (بهجة الاسرار، ص. 174) مان زماني جي جن سختين کي برداشت ڪيو، انهن کي برداشت ڪرڻ ۾ جبل بہ ڦاٽي پون، هي تہ ان ذات بي نياز عَزَّوَجَلَّ جو فضل ۽ ڪرم آهي تہ مان عافيت سان گڏ ان ڪنڊن وارن جهنگن مان گذري ويس. (قلائدِ الجواهر، ص. 10)

محمد کا رسولوں میں ہے جیسے مرتبہ اعلیٰ
ہے افضل اولیاء میں یوں ہی رُتبہ غوثِ اعظم کا
عطا کی ہے بُلندی حق نے اہل اللہ کے جھنڈوں کو
مگر سب سے کیا اُونچا پھریرا غوثِ اعظم کا

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ملاحظ فرمايو تہ اسان جا غوثِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن کي علمِ دين حاصل ڪرڻ جو ڪيتري قدر شوق هيو جو تڪليفون ۽ مشقتون برداشت ڪري بہ علمِ دين حاصل فرمائيندا، يقيناً علمِ دين کي حاصل ڪرڻ تمام وڏي سعادت آهي. علم کي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ وارن جي لاءِ احاديثِ مبارڪ ۾ ڪثير فضائل بيان ڪيا ويا آهن. جيئن تہ حضرت سيِّدُنا ابُو سَعيد خُدري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو علمِ دين سکڻ جي لاءِ صبح يا شام جو هليو اهو جنّتي آهي. (ڪنز العمال، ج. 5، ص. 61، حديث 28702)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

الحمد لله عَزَّوَجَلَّ اسان جي غوثِ پاڪ علمِ دين جي جستجو ۾ پري



www.dawateislami.net

پري تائين سفر اختيار فرمايو، اوهان جي پوري زندگي الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي مدني حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي اطاعت، والدين جي فرمانبرداري، سچائي ۽ وفا شعاري جهڙي تمام ئي قابلِ تعريف خوبين سان مزَيَّن رهي. الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي پياري رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي فرامين تي عمل جي معاملي ۾ اوهان جي استقامت جبل کان وڌيڪ مضبوط هئي. اوهان جي انهن دلڪش ڪمالات کان متاثر ٿي ڪري سوين ڪافر اوهان جي دستِ حَق تي ڪلمو پڙهي اسلام جي دائري ۾ داخل ٿيا ۽ تمام گهڻا ئي بدڪار پنهنجي گناهن پريل زندگين کان تائب ٿيا، جيئن ته پاڻ پنهنجي متعلق ارشاد فرمائن ٿا ته منهنجي هٿ تي (500) کان وڌيڪ غير مسلمن اسلام قبول ڪيو ۽ هڪ لک (100000) کان وڌيڪ ڌاڙيل، چور، فاسق، فاجر، فسادي ۽ بدعتي ماڻهن توبهه ڪئي. (بهجة الاسرار، ص. 184) اچو! راهِ علم جي دوران محبوبِ سبحاني، قنديلِ نوراني، الشيخ عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن جي نگاهِ ولايت سان ڌاڙيلن جي تقدير بدلائڻ وارو هڪ عظيم الشان واقعو ٻڌون ٿا. جيئن ته

## ڌاڙيل تائب ٿي ويا

سرڪارِ بغداد، حضورِ غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا ته مان علمِ دين حاصل ڪرڻ جي لاءِ جيلان کان بغداد قافلي سان گڏ روانو ٿيس، جڏهن اسان همدان کان اڳيان پهتاسين ته سَٺ (60) ڌاڙيلن قافلي تي حملو ڪيو ۽ سڄي قافلي ڪي لٽيو، پر ڪنهن مون سان زور زبردستي نه ڪئي، هڪ ڌاڙيل مون وٽ اچي ڪري پڇڻ لڳو اي ڇوڪرا! تو وٽ به ڪجهه آهي؟ مون جواب ۾ چيو: ها، ڌاڙيل چيو ڇا آهي؟ مون چيو: چاليهه دينار. ان پڇيو:



www.dawateislami.net

ڪٿي آهن؟ مون چيو: گدڙي ۾ (يعني هڙ جي اندر). ڌاڙيل ان ڳالهه کي مذاق سمجهي ڪري هليو ويو، ان کان پوءِ ٻيو ڌاڙيل آيو ۽ ان به اهڙي طرح سُوال ڪيا ۽ مان اهي ئي جواب ان کي به ڏنا ۽ اهو به انهيءَ طرح مذاق سمجهي هليوويو، جڏهن سڀ ڌاڙيل پنهنجي سردار وٽ جمع ٿيا ته انهن پنهنجي سردار کي منهنجي باري ۾ ٻڌايو پوءِ مون کي اُتي گهرايو ويو، اهي مال جي تقسيم ڪرڻ ۾ مصروف هيا. ڌاڙيلن جي سردار مون کان پڇيو: تو وٽ ڇا آهي؟ مون چيو: چاليهه دينار آهن. ڌاڙيلن جي سردار حڪم ڏنو ته هن جي تلاشي وٺو. تلاشي وٺڻ تي جڏهن واقعي اهي دينار نڪتا ، ته ان تعجب کان سوال ڪيو ته توهان کي سچ ڳالهائڻ تي ڪهڙي شيءِ آماده ڪيو؟ مون چيو: والده ماجده جي نصيحت. سردار چيو: اها نصيحت ڇا آهي؟ مون چيو: منهنجي والده ماجده مون کان هي واعدو ورتو هو ته مان هميشه سچ ڳالهائيندس ۽ واعدي جي خلاف ورزي نه ڪندس. (هي حڪمت پري حڪايت ٻڌي) ڌاڙيلن جي سردار روئندي چوڻ لڳو: توهان ته پنهنجي امڙ سان ڪيل واعدي جي خلاف ورزي نه ڪئي ۽ هڪ اسان آهيون جو سڄي عمر پنهنجي رب عَزَّوَجَلَّ سان ڪيل واعدي جي خلاف گذاري ڇڏي. پوءِ انهي وقت اهو ۽ ان جا تمام ساٿي منهنجي هٿ تي تائب ٿيا ۽ قافلي وارن جو لُٽيل مال واپس ڪري ڇڏيو.

نگاہِ ولی میں وہ تاثیر دیکھی　　　　بدلتی ہزاروں کی تقدیر دیکھی

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب!　　　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو ته اسان جي حضور غوثِ پاڪ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ نه ڪڏهن ڪوڙ ڳالهايو ۽ نه ئي ڪڏهن وعده خلافي ڪئي. ان



www.dawateislami.net

مان اهي ماٺهو درسِ عبرت حاصل ڪن ته جيڪي پاڻ کي حضور غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جا عقيدتمند چورائڻ جي باوجود ڪوڙ ڳالهائڻ ۽ وعده خلافي ڪرڻ کان مڙن نه ٿا. پوءِ اهي ئي جراثيم انهن جي اولاد ۾ منتقل ٿي ويندا آهن، ڪڏهن ڪڏهن مذهبي ذهن رکڻ وارن کي به شيطان ڪوڙ ۽ عهد شڪني جي آفت ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندو آهي، مثلاً ڪجهه وقت ڪڏهن ڪنهن مدني ڪم جي ترغيب ڏيندي نيّتون ڪرايون ونديون آهن ته ڪجهه نادان بغير سوچي سمجهي، بغير ڪنهن سٺي نيّت جي "اِنۡ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ" چئي ڇڏيندا آهن، جڏهن ته دل ۾ ان ڪم کي ڪرڻ جي بلڪل به نيّت ناهي هوندي. ياد رکو! احاديثِ مبارڪ ۾ ڄاڻي واڻي ڪوڙ ڳالهائڻ ۽ وعده خلافي ڪرڻ جون سخت وعيدون آيون آهن. اچو! عبرت جي لاءِ به فرامينِ مصطفٰي صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڙهون ٿا :

1. سچائي کي لازم ڪريو، ڇو ته سچائي نيڪي جي طرف وٺي ويندي آهي ۽ نيڪي جنّت جو رستو ڏيکاريندي آهي. انسان برابر سچ ڳالهائيندو رهندو آهي ۽ سچ ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪندو رهندو آهي، ايسيتائين جو اهو الله عَزَّوَجَلَّ جي نزديڪ صديق لکيو ويندو آهي ۽ ڪوڙ کان بچو، ڇو ته ڪوڙ گناهه جي طرف وٺي ويندو آهي ۽ گناهه جهنّم جو رستو ڏيکاريندو آهي ۽ آدمي برابر ڪوڙ ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، ايسيتائين جو اهو الله عَزَّوَجَلَّ جي نزديڪ تمام گهڻو ڪوڙو لکيو ويندو آهي. (مسلم، ص. 1405، حديث 2607)

2. فَمَنۡ اَخۡفَرَ مُسۡلِمًا فَعَلَيۡهِ لَعۡنَةُ اللهِ وَالۡمَلَائِكَةِ وَالنَّاسِ اَجۡمَعِيۡنَ، لَا يُقۡبَلُ مِنۡهُ صَرۡفٌ وَّلَا عَدۡلٌ جيڪو ڪنهن مسلمان سان وعده خلافي ڪري، ته ان تي الله تعالٰي، فرشتن ۽



www.dawateislami.net

تمام انسانن جي لعنت آهي، ان جو ڪو نہ نفل قبول ٿيندو ۽ نہ ئي فرض. (بخاري، ج. 2، ص. 370، حديث 3179)

## لَٺِ مبارڪ روشن ٿي وئي

حضرت سَيِّدُنا عَبدُالْمَلِڪ ڏيّال رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه بيان ڪن ٿا تہ مان غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي مدرسي ۾ بيٺو هيس تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه هڪ لَٺِ دستِ مبارڪ ۾ ڪٽي پنهنجي گهر کان ٻاهر تشريف ڪٽي آيا، منهنجي دل ۾ خيال آيو تہ ڪاش! غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه پنهنجي هن لَٺ جي ذريعي مون کي ڪا ڪرامت ڏيکارن . منهنجي دل ۾ ان خيال جو اچڻ ئي ٿيو تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه مسڪرائيندي منهنجي طرف ڏٺو ۽ پنهنجي لَٺ کي زمين ۾ نوڪي چڙهيو، اوچتو ان لَٺ مان هڪ اهڙو نور نڪري آسمان تائين پهتو، جنهن سان فضا روشن ٿي وئي، اهو نور تمام گهڻي دير تائين روشن رهيو، پوءِ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ان لَٺ کي زمين مان ڪڍي چڙهيو تہ اها جيئن هئي اُئين ٿي وئي، ان کان پوءِ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن فرمايو: بس اي ڏيّال! توهان اهو ئي چاهيو پيا نہ؟ (بهجة الاسرار، ص. 150)

## هٿ مبارڪ جي ڪرامت

هڪ ڀيري رات جو سرڪارِ بغداد، حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن سان گڏ حضرت شيخ احمد رِفاعِي ۽ حضرت عَدِي بِن مسافر رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْهِمَا حضرت سيِّدُنا اِمام اَحمد بِن حَنبَل رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن جي مزار پرانوار جي زيارت جي لاءِ تشريف ڪٽي ويا، پر ان وقت اونداهي تمام گهڻي هئي، حضورغوثِ اَعظَم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه انهن کان اڳيان اڳيان هئا، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جڏهن ڪنهن پٿر، ڪاني، ٻِٽ يا قبر جي ويجهي کان گذرندا تہ پنهنجي هٿ



www.dawateislami.net

مبارڪ سان اشارو فرمائيندا تہ اهو چنڊ وانگر روشن ٿي ويندو، سڄي رستي پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه انهيءَ طرح ڪندا رهيا، ايسيتائين جو اهي سڀ حضرات پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن جي مبارڪ هٿ جي روشني جي ذريعي حضرت سيِّدُنا اِمَام اَحمد بِن حَنبل رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن جي مزار مبارڪ تائين پهچي ويا. (قلائد الجواهر، ص 77)

مصطفٰی کے تنِ بے سایہ کا سایہ دیکھا جس نے دیکھا مری جاں جلوہ زیبا تیرا

## انڌن کي ڏسندڙ، مڙدن کي زنده ڪرڻ

حضرت شيخ اَبُو الْحَسن قُرشِي فرمائن ٿا تہ مان ۽ ابو الحسن علي بن هيتي، حضرت سَيِّدُنا شيخ مُحِيُّ الدّين عبدُالقادِر جِيلاني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن جي خدمت ۾ ان جي مدرسي ۾ موجود هئا تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن جي بارگاهہ ۾ ابو غالب فضل الله نالي هڪ مشهور تاجر حاضر ٿيو ۽ عرض ڪرڻ لڳو تہ اي منهنجا سردار! اوهان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي نانا جان، رحمتِ عالميان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ ذيشان آهي تہ جنهن شخص کي دعوت تي گهرايو وڃي، ان کي دعوت قبول ڪرڻ گهرجي. مان ان لاءِ حاضر ٿيو آهيان تہ اوهان منهنجي گهر دعوت تي تشريف ڪٽي اچو. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن فرمايو: جيڪڏهن مون کي اجازت ملي تہ مان ايندس. پوءِ ڪجهہ دير پاڻ مراقبو ڪرڻ کان پوءِ فرمايو: ها ايندُس. پوءِ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه پنهنجي خچر تي سوار ٿيا، شيخ علي خچر جي ساڄي رڪاب پڪڙي ۽ مون کاٻي رڪاب پڪڙي ۽ ان جي گهر جي طرف هلڻ لڳاسين. جڏهن اسان اتي پهتاسين تہ ڏٺو تہ بغداد جا مشائخ، علماء ۽ معززين پهريان ئي اتي موجود هئا، پوءِ دستر خوان وڇايو ويو ۽ ان تي قسم قسم جا کاڌا رکيا ويا، پڻ ہ



www.dawateislami.net

ماڻهو هڪ وڏو صندوق ٻه ڪٽي آيا جيڪو بند هو، ان صندوق کي دستر خوان جي هڪ طرف رکيو ويو، پوءِ ميزبان ابو غالب ڪاڏي کائڻ جي اجازت ڏني، پر ان وقت حضرت سَيِّدنا شيخ مُحِيُّ الدِّين عَبدُ القَادر جِيلاَني رَحمَۃُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه مُراقبي ۾ هئا، جيئن تہ نہ پاڻ ڪاڌو کائڻ شروع ڪيائون ۽ نہ ئي ڪنهن کي کائڻ جي اجازت ڏني، ڪنهن بہ ڪاڌو کائڻ شروع نہ ڪيو، پاڻ رَحمَۃُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جن جي هيبت جي ڪري حاضرينِ مجلس جي حالت اهڙي ٿي تہ ڄڻ ان جي مٿن تي پکي وينا آهن، پوءِ پاڻ منهنجي ۽ شيخ علي جي طرف اشارو ڪيو تہ اها صندوق کڻي اچو ۽ ان کي کوليو. جڏهن صندوق اوهان جي سامهون کولي وئي تہ ان ۾ابو غالب جو ڇوڪرو موجود هئو، جيڪو پيدائشي انڌي هجڻ کان علاوه جوڙن جي سور، ڪوڙهہ ۽ فالج جي مرض ۾ بہ مبتلا هو، پاڻ رَحمَۃُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه ان کي فرمايو: قُمْ بِاِذْنِ اللهِ يعني اُٿ الله عَزَّوَجَلَّ جي حڪم سان. بس ان حڪم جي دير هئي جو اهو ڇوڪرو نہ صرف ڀڄڻ لڳو ۽ ان جي نظر بہ واپس اچي وئي بلڪ اهو اهڙو تُندرست ٿي ويو. ڄڻ ڪنهن بيماريءَ ۾ مبتلا ئي نہ هو. شيخ ابو الحسن قرشي رَحمَۃُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه فرمائن ٿا تہ جڏهن مان شيخ ابُو سَعد قَيلوي رَحمَۃُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جن جي خدمت ۾ غوثِ اعظم رَحمَۃُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جن جي ڪرامت جو هي واقعو بيان ڪيو تہ انهن چيو: حضرت شيخ عبد القادر جيلاني قُطبِ رَبّاني رَحمَۃُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه پيدائشي انڌن ۽ برص وارن کي صحيح ڪندا آهن ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي حڪم سان مڙده زنده ڪندا آهن. (بهجة الاسرار، ص. 123)

حضرت شيخ خِضر مُوصلي رَحمَۃُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه فرمائن ٿا تہ مان حضور غوثِ اعظم رَحمَۃُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جن جي خدمتِ اقدس ۾ تقريبًا 13 سالن تائين رهيُس، ان



www.dawateislami.net

دوران مان سندن جي تمام گهڻن خَوارِق (يعني خلافِ عادت ڳالهين) ۾ ڪرامتن کي ڏٺو، انهن مان هڪ هي آهي ته جنهن مريض کي طبيب لاَ عِلاج قرار ڏيندو هو، اهو اوهان وٽ اچي شفاياب ٿي ويندو هو، پاڻ رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ان جي لاءِ صحت جي دعا فرمائيندا ۽ ان جي جسم تي پنهنجو هٿ مبارڪ ڦيريندا ته الله عَزَّوَجَلَّ انهيءَ وقت ان مريض کي صحّت عطا فرمائي ڇڏيندو.

(بهجة الاسرار، ص. 147)

## جُهڙن تي به حڪمراني آهي

حضرت سيِّدُنا شيخ عَبدُ القَادر جِيلاَنِي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه هڪ ڏينهن (پنهنجي مدرسي ۾) بيان فرمائي رهيا هئا ته انهيءَ دوران مينهن وسڻ شروع ٿي ويو ۽ ڪجهه اهلِ مجلس هيڏانهن هوڏانهن ٿيڻ لڳا، پوءِ پاڻ رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰى عَلَيْه آسمان جي طرف متو ڪنيوءِ (بادل جي طرف متوجهه ٿي ڪري) فرمايو :اَنَا اَجْمَعُ وَ اَنْتِ تَفْرِقُ يعني مان (ماڻهن کي) جمع ڪري رهيو آهيان ۽ تون منتشر ڪري رهيو آهين. هي فرمايو ته اهلِ مجلس تي مينهن وسڻ بند ٿي ويو. البته مدرسي جي ٻاهر اُنهيءَ طرح وسندو رهيو پر مجلس جي شرڪاء تي هڪ قطرو به نه ڪريو.

(بهجة الاسرار، ص. 147)

گناہوں کے مرض نے کر دیا ہے نیم جاں مجھ کو
تمہیں آ کے کرو اب کوئی چارہ یاشہِ بغداد

مجھے اچھا بنادو مرشدی بے شک یقیناً ہیں
مرے حالات تم پر آشکارا یاشہِ بغداد



www.dawateislami.net

## عورت جي فرياد تي پاڻ جن جي مدد فرمائڻ

هڪ عورت، حضرت سيِّدُنا شيخ عبد القادر جِيلاني رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ جن جي مريدياڻي هئي، ان تي هڪ فاسق شخص عاشق هو، هڪ ڏينهن اها عورت ڪنهن حاجت جي لاءِ جبل جي غار جي طرف وئي، ته ان فاسق شخص کي ڪهڙي طرح معلوم ٿي ويو ۽ اهو به ان جي پويان هليو ويو، ايسيتائين جو ان کي پڪڙي ورتو، ان عورت اتان ڪان حضور غوثِ پاڪ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ جن کي مدد ۽ فرياد جي لاءِ بلند آواز سان پڪاريو، ان وقت حضور غوثِ پاڪ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ پنهنجي مدرسي ۾ وضو فرمائي رهيا هئا، پاڻ ان جي فرياد ٻڌي پنهنجي ڪڙائون (يعني ڪاٺي جون نهيل جُوتِين) کي غار جي طرف اڇلايو، اهي جُتيون ان فاسق جي مٿي تي لڳڻ شروع ٿيون ايسيتائين جو اهو مري ويو، اها عورت سندن جون نعلين مبارڪ کڻي حاضرِ خدمت ٿي ۽ اوهان جي مجلس ۾ سڄو واقعو بيان ڪري ڇڏيو. (تفريح الخاطر، ص. 37)

غوثِ اعظم بمنِ بے سر و ساماں مَدَدے　　　　قِبلۂ دِیں مَدَدے کعبۂِ ایماں مَدَدے

ترجمو: غوثِ اعظم رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ! مون بي سرو سامان جي مدد فرمايو. اي دين جا قبله منهنجي مدد فرمايو. اي ايمان جا ڪعبه.....!!! منهنجي مدد فرمايو.

ٿي سگهي ٿو ته هي واقعو ٻڌي ڪنهن جي ذهن ۾ هي وسوسو پيدا ٿئي ته آخر هاڻي مصيبت جي وقت دستگيري جي لاءِ غوثِ اعظم رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ جن کي ڪيئن پڪاري سگهجي ٿو؟ اهي ته وفات ڪري ويا آهن ۽ ذهن ۾ هي وسوسو اچي ته "مُرِدن کي پڪارڻ ته شرڪ آهي" ته ياد رکو ته مرِدن کي پڪارڻ شرڪ ناهي، اچو! هن ضمن ۾ هڪ قرآني واقعو ۽ ان جي تحت



www.dawateislami.net

حضرت مفتي عَبدُ المُصطَفٰي اعظمي رَحمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیہ جن جي بيان ڪيل مَدَني گل ٻڌون ٿا، اِن شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ هن وسوسي جو جڙ ڪان خاتمو ٿي ويندو. جيئن تہ...

شيخ الْحَديث حضرت علاّمہ مُفتي عَبدُ الْمُصطَفٰي اَعظَمِي رَحمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیہ فرمائن ٿا: حضرت سيِّدُنا حضرت اِبراهيم خَليلُ **اللّٰه** عَلَیہِ السَّلَام هڪ ڀيري **اللّٰه** تعالٰي جي بارگاهہ ۾ هي عرض ڪيو: يا **اللّٰه**! تون مونکي ڏيکار تہ تون مُڙدن کي ڪيئن زندهہ فرمائيندين؟ تہ **اللّٰه** تعالٰي فرمايو: اي ابرهيم! ڇا ان تي تنهنجو ايمان ناهي، تہ پاڻ عرض ڪيائون: ڇونہ؟ آئون هن تي ايمان تہ رکان ٿو، پر منهنجي خواهش هي آهي تہ هن منظر کي پنهنجي اکين سان ڏسي وٺان تہ جيئن منهنجي دل کي قرار اچي، تہ **اللّٰه** تعالٰي فرمايو: تون چار پکين کي پال ۽ انهن کي چڱي نموني کارائي پياري انهن جي پرورش ڪر، پوءِ تون انهن کي ذبح ڪري ۽ انهن جو قيمو ناهي پنهنجي آس پاس جي ڪجهہ جبلن تي ٿورو ٿورو گوشت رکي ڇڏ . پوءِ انهن پکين کي سڏيو تہ اهي پکي زندهہ ٿي ڊوڙندا تو وٽ اچي ويندا ۽ تون مُڙدن جي زندهہ ٿيڻ جو منظر پنهنجي اکين سان ڏسي وٺندين. هن سچي واقعي کي قرآن مجيد ۾ هنن لفظن سان گڏ بيان ڪيو ويو آهي:

وَاِذْ قَالَ اِبْرٰهٖمُ رَبِّ اَرِنِیْ كَیْفَ تُحْیِ الْمَوْتٰىؕ قَالَ اَوَ لَمْ تُؤْمِنْؕ قَالَ بَلٰى وَ لٰكِنْ لِّیَطْمَىٕنَّ قَلْبِیْؕ قَالَ فَخُذْ اَرْبَعَةً مِّنَ الطَّیْرِ فَصُرْهُنَّ اِلَیْكَ ثُمَّ اجْعَلْ عَلٰى كُلِّ جَبَلٍ مِّنْهُنَّ جُزْءًا ثُمَّ ادْعُهُنَّ یَاْتِیْنَكَ سَعْیًاؕ وَ اعْلَمْ اَنَّ اللّٰهَ عَزِیْزٌ حَكِیْمٌ۠ ﴿۲۶۰﴾ (پ 3 البقرة: 260)



www.dawateislami.net

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ جڏهن اِبراهِيم عرض ڪيو اي مُنهنجا رب مُون کي ڏيکار تُون مُئل ڪيئن جيارينِدين، فرمايائين ڇا توکي يقين نہ آهي، عرض ڪيائين يقِين ڇو نہ آهي پر گُهران ٿو تہ مُنهنجي دل کي قرار اچي وڃي، فرمايائين تہ چگو چار پکِي وٺِي پاڻ سان مانُوس ڪر، پوءِ اُنهن جو هِڪ هِڪ ٽُڪر هر هڪ پهاڙ تي رک پوءِ اُنهن کي سڏ تہ اُهي تو ڏانهن هلِي ايندا ڊُڪندي ۽ يقِين رک تہ الله غالِب حِڪمت وارو آهي.

آيتِ مبارڪ نقل ڪرڻ کان پوءِ مفتي صاحب فرمائن ٿا: هن مان اهو مسئلو ثابت ٿي ويو تہ مڙدن کي سڏڻ شرڪ ناهي، ڇو تہ جڏهن مڙده پکين کي الله تعالٰي سڏڻ جو حڪم فرمايو ۽ هڪ جليل القدر پيغمبر انهن مڙدن کي سڏيو تہ هرگز هي شرڪ نٿو ٿي سگهي. ڇوتہ الله تعالٰي ڪڏهن بہ ڪنهن کي شِرڪ جو حڪم نہ ڏيندو نہ ڪو نبي هرگز ڪڏهن شرڪ جو ڪم ڪري سگهي ٿو، تہ جڏهن مُئل پکين کي سڏڻ شرڪ ناهي تہ وفات ڪيل خدا جي ولين ۽ شهيدن کي سڏڻ ڪيئن شرڪ ٿي سگهي ٿو، جيڪو ولين ۽ شهيدن جي سڏڻ کي شرڪ چوندا آهن ۽ ”يا غوث“ جو نعرو لڳائڻ وارن کي مشرڪ چوندا آهن، انهن کي ٿوري دير سر جُهڪائي سوچڻ گهرجي تہ هن قرآني واقعي جي روشني ۾ انهن کي هدايت جو نور نظر اچي وڃي ۽ اهي اهلسنّت جي طريقي تي صراط مستقيم جي رستي تي هلڻ لڳن. (عجائب القرآن مع غرائب القرآن، ص. 57-59)

اميد آهي تہ اهو شيطاني وسوسو جڙ کان ڪٽجي ويو هوندو، ڇو تہ مسلمان جو قرآنِ ڪريم تي ايمان هوندو آهي ۽ اهو حڪمِ قرآنِ ڪريم جي خلاف ڪا دليل تسليم ڪندو ئي ناهي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد



www.dawateislami.net

## دليون منهنجي مُٺ ۾ آهن

شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوت اسلامي حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة پنهنجي رسالي ”جنن جو بادشاهه“ جي صفحه نمبر 5 تي لکن ٿا: حضرتِ سيّدُنا عمر بَزّار رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا تہ هڪ ڀيري جُمعۃُ المُبارَڪ جي ڏينهن آءُ **حضورِ غوثِ اعظم** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْاَكْرَم سان گڏ جامع مسجد جي طرف وڃي رهيو هئس، منهنجي دل ۾ خيال آيو تہ حيرت آهي جڏهن بہ آءُ مرشد سان گڏ جمعو ادا ڪرڻ لاءِ مسجد جي طرف ايندو آهيان تہ سلام ۽ مصافحو ڪرڻ وارن جي رش سبب گذرڻ مشڪل ٿي ويندو آهي پر اڄ تہ ڪو نهاري ئي ڪونہ ٿو، منهنجي دل ۾ اهو خيال ايندي ئي **حضور غوثِ اعظم** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْاَكْرَم مون ڏانهن نهاريندي مُرڪيا ۽ بس، پوءِ ڇا ٿيو!

جو ماڻهو وڌي چڙهي ڪري مصافحي ڪرڻ لاءِ اچڻ لڳا، ايتري تائين جو منهنجي ۽ مرشدِ ڪريم عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الرَّحِيم جي وچ ۾ هڪ هُجوم رڪاوٽ بڻجي ويو. منهنجي دل ۾ آيو تہ ان کان تہ اها ئي حالت بهتر هئي، دل ۾ اهو خيال ايندي ئي پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه مون کي فرمايو: اي عمر! توهان ئي تہ هُجوم جا طلبگار هيؤ. توهان نہ ٿا ڄاڻيو، تہ ماڻهن جون دليون منهنجي مُٺ ۾ آهن، جيڪڏهن چاهيان تہ پنهنجي طرف مائل ڪري ونان ۽ چاهيان تہ پري ڪري ڇڏيان. (بهجةالاسرار ص 149)

ڪُنجيان دِل کی خُدا نے تجھے دِیں ایسی کر
کہ یہ سینہ ہو محبت کا خَزینہ تیرا

شعر جي وضاحت اي منهنجا غوثِ اعظم! ربُّ الْعَالَمِين دلين جون چابيون اوهان



www.dawateislami.net

ڪي عنايت فرمايون آهن ته پوءِ مهرباني فرمايو ۽ منهنجي سيني کي پنهنجي محبت جو مرڪز بڻايو.

## المدد يا غوث اعظم

حضرت بِشر قَرَظِي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جو بيان آهي ته مان کنڊ سان سَٺيل چوڏهن اُٺن سميت هڪ تجارتي قافلي سان گڏ هئس، اسان هڪ رات خوفناڪ جهنگ ۾ گذاري. رات جي شروعاتي حصي ۾ منهنجا چار سٺيل اُٺ گم ٿي ويا ، جيڪي گهڻي ڳولڻ جي باوجود ڪونه مليا، قافلو به روانو ٿي ويو، ڏنار (يعني اُٺن کي هڪلڻ وارو) مون سان گڏ ترسي پيو. صبح جي وقت مون کي اوچتو ياد آيو ته منهنجي مرشد، سرڪارِ بغداد، حضور غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه مون کي فرمايو هو: "جڏهن به توهان ڪنهن مصيبت۾مبتلا ٿي وڃو ته مون کي پڪارجو، اِن شآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ اها مصيبت ٽري ويندي،" تنهنڪري مون هيئن فرياد ڪيو: "ياشيخ عبدالقادر! منهنجا اُٺ گم ٿي ويا آهن." اوچتو ئي اوڀرندي پاسي ڏڙي تي مون کي سفيد لباس ۾ مَلبوس هڪ بزرگ نظر آيا جيڪي اشاري سان مون کي پنهنجي طرف سڏي رهيا هئا، مان پنهنجي ڏنار کي ساڻ ڪري جيئن ئي اتي پهتس ته ڏسندي ئي ڏسندي اهي بزرگ نگاهن کان غائب ٿي ويا،اسان هيڏانهن هوڏانهن حيرت سان ڏسي ئي رهيا هئاسين ته اوچتو اهي چار ئي گم ٿيل اُٺ ڏڙي جي هيٺيان ويٺل نظر آيا، بس پوءِ ڇا ٿيو جو! اسان انهن کي فورًا پڪڙي ورتو ۽ پنهنجي قافلي سان وڃي ملياسين. (بهجةالاسرار ص 196)



www.dawateislami.net

آپ جیسا پِیر ہوتے کیا غَرَض دَر دَر پھروں　　آپ سے سب کچھ مِلا یا غوثِ اَعْظَم دَسْتُ گیر

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

منا منا اسلامي يائرو! تي سگهي ٿو ته بيان ٿيل حڪايت جي ڪري ڪنهن جي ذهن ۾ هي وسوسو اچي ته الله عَزَّوَجَلَّ کان سواءِ ڪنهن کان مدد گهرڻ ئي نه کپي، ڇو ته جڏهن الله عَزَّوَجَلَّ مدد ڪرڻ تي قادر آهي ته پوءِ ڪنهن ٻئي کان مدد گهرون ئي ڇو؟ جوابًا عرض آهي ته اهوشيطان جو خطرناڪ ترين وار آهي ۽ ان طرح هُو نه ڄاڻي ڪيترن ماڻهن کي گمراهه ڪري ڇڏيندو آهي، جڏهن الله عَزَّوَجَلَّ ڪنهن ٻئي جي مدد گهرڻ کان منع ناهي فرمايو، بلڪ قرآن پاڪ ۾ جڳهه جڳهه تي الله عَزَّوَجَلَّ ٻين کان مدد گهرڻ جي اجازت عطا فرمائي آهي بلڪ هر طرح سان قادرِ مُطْلَق هئڻ جي باوجود بذاتِ خود پنهنجي ٻانهن کان سچي دين جي مدد لاءِ ترغيب ارشاد فرمائي آهي، جيئن سيپاري 26 سورهءِ مُحمّد جي آيت نمبر 7 ۾ ارشاد آهي:

اِنْ تَنْصُرُوا اللّٰهَ يَنْصُرْكُمْ

ترجمو ڪنزالايمان: جيڪڏهن تون خدا جي دين جي مدد ڪندين ته الله تنهنجي مدد ڪندو

## حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام ٻين کان مدد گهري

حضرتِ سيّدُنا عيسيٰ روح الله عَلَيْهِ الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام پنهنجي حوارين کان



www.dawateislami.net

مدد طلب فرمائي، جيئن سيپاري 28 سورة الصف، آيت 14 ۾ ارشادِ آهي:

قَالَ عِيۡسَى ابۡنُ مَرۡيَمَ لِلۡحَوَارِيّٖنَ مَنۡ اَنۡصَارِىۡۤ اِلَى اللّٰهِ ؕ قَالَ الۡحَوَارِيُّوۡنَ نَحۡنُ اَنۡصَارُ اللّٰهِ.

(پ 28، الصف 14)

ترجموڪنزالايمان: عيسيٰ بن مريم حوارين کي چيو هو، ڪير آهن جيڪي الله جي طرف جا ٿي ڪري منهنجي مدد ڪن؟ حوارين چيو اسان خدا جي دين جا مددگار آهيون.

## حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام پاڻهن جو سهارو گهريو

حضرتِ سيِّدُنا مُوسيٰ ڪَليم الله عَلٰی نَبِيِّنَا وَعَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ڪي جڏهن تبليغ جي لاءِ فرعون وٽ وڃڻ جو حڪم ٿيو ته پاڻ ڀانهي جي مدد حاصل ڪرڻ جي لاءِ بارگاهِ خداوندي عَزَّوَجَلَّ ۾ عرض ڪيو:

وَ اجۡعَلۡ لِّىۡ وَزِيۡرًا مِّنۡ اَهۡلِىۡ ۙ﴿۲۹﴾ هٰرُوۡنَ اَخِى ۙ﴿۳۰﴾ اشۡدُدۡ بِهٖۤ اَزۡرِىۡ ۙ﴿۳۱﴾

(پ 16، طٰه 29 تا 31)

ترجموڪنزالايمان: ۽ منهنجي واسطي منهنجي گهروارن مان هڪڙو وزير ڪر يعني منهنجو ڀاءُ هارون، ان سان منهنجي چيلهه مضبوط ڪر.

پارو 28 سورةُالتَحرِيم جي چوٿين آيت ۾ ارشادِ باري عَزَّوَجَلَّ آهي؛

فَاِنَّ اللّٰهَ هُوَ مَوۡلٰىهُ وَ جِبۡرِيۡلُ وَصَالِحُ الۡمُؤۡمِنِيۡنَ ۚ وَالۡمَلٰٓئِكَةُ بَعۡدَ ذٰلِكَ ظَهِيۡرٌ ﴿۴﴾

ترجموڪنزالايمان: بيشڪ الله ان جو مددگار آهي ۽ جبريل ۽ نيڪ ايمان وارا ۽ ان ڪان پوءِ فرشتا مدد تي آهن.



www.dawateislami.net

## انصار جي معنيٰ مددگار

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو توهان! قرآن پاڪ بلڪل صاف لفظن ۾ واضح طور تي هي اعلان ڪري رهيو آهي ته الله عَزَّوَجَلَّ ته مددگار آهي ئي، پر پروردگار عَزَّوَجَلَّ جي عطا سان، **جبريلِ امين** عليهمُ الصَّلوٰة والسَّلام ۽ **الله** عَزَّوَجَلَّ **جا مقبول ٻانها** (انبياءِ ڪرام عليهمُ الصَّلوٰة والسَّلام ۽ اولياءِ عظام رَحِمَهُمُ اللهُ تَعَالٰی) ۽ فرشتا به مددگار آهن، هاڻي ته اِن شاءَالله عَزَّوَجَلَّ اهو وسوسو پاڙان پٽجي ويندو ته الله عَزَّوَجَلَّ کان سواءِ ڪو مدد ڪري ئي نه ٿو سگهي. مزي جي ڳالهه هي آهي ته جيڪي مسلمان مڪهءِ مڪرمه کان هجرت ڪري مدينهءِ منوره پهتا انهن کي **مُهاجر** چيو ويو ۽ انهن جي مددگارن کي **انصار** چيو ويو ۽ هر سمجهدار هي ڄاڻي ٿو ته "**اَنصار**" جي لُغوي معنيٰ "مددگار" آهي.

الله کرے دل میں اُتر جائے مری بات

## الله وارا زنده آهن

**هاڻي** شايد شيطان دل ۾ هي وسوسو وجهي ته جيئرن کان مدد گهرڻ ته صحيح آهي پر وفات کان پوءِ مدد نه گهرڻ گهرجي، هيٺين آيت ۽ ان کان بعد واري مضمون تي غور فرمائيندا ته اِن شاءَالله عَزَّوَجَلَّ هن وسوسي جي پاڙ به پٽجي ويندي، جيئن ته سيپاري 2 سُورةُالبَقَرة آيت نمبر 154 ۾ ارشاد آهي:



www.dawateislami.net

وَلَا تَقُوْلُوْا لِمَنْ يُّقْتَلُ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ اَمْوَاتٌ ؕ بَلْ اَحْيَآءٌ وَّ لٰكِنْ لَّا تَشْعُرُوْنَ

ترجموڪنزالايمان: ۽ جيڪي خدا جي واٽ ۾ ماريا وڃن تن کي مُئل نہ چئو، بيشڪ اهي جيئرا آهن، هائو! اوهان کي خبر نہ آهي .

جڏهن شهيدن جي زندگيءَ جو هي حال آهي تہ اَنبياء عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جيڪي شهيدن کان مرتبي ۽ شان ۾ بِالاِتِّفاق اعليٰ ۽ برتر آهن، انهن جي حيات هجڻ ۾ ڪهڙيءَ ريت شڪ ڪري سگهجي ٿو؟ حضرت سيّدُنا امام بيهقي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه حياتِ انبياء جي باري ۾ هڪ رسالو لکيو آهي ۽ "دلائِلُ النُّبوَة" ۾ فرمائن ٿا تہ انبياء عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام شهيدن جيان پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ وٽ زنده آهن.

(دَلَائِلُ النُّبُوَّةِ ،باب الدليل على ان النبى عرج به ...الخ، ٢ / ٣٨٨)

حضرت سَيّدُنا اِمام اسماعيل حقّي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائين ٿا: نبين، ولين ۽ شهيدن جا جسم قبرن ۾ نہ تہ تبديل ٿيندا آهن ۽ نہ ئي بوسيدا ٿيندا آهن چو تہ الله عَزَّوَجَلَّ انهن جي جسمن کي گوشت جي ڳرڻ سڙڻ جي خرابي کان محفوظ رکندو آهي. (روح البيان،پ١٠،التوبة،تحت الآية:٤١، ٤٣٩/٣)

حضرت علامہ علي قاري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائين ٿا الله جي ولين کي بنهي حالتن (زندگي ۽ موت يقياً ڪو بہ فرق ناهي ان لاءِ چيو ويندو آهي تہ هو مرن نٿا بلڪ هڪ گهر کان ٻئي گهر ۾ تشريف ڪٽي ويندا آهن. (مرقاة المفاتيح،،كتاب الصلاة باب الجمعة، الفصل الثالث ،تحت الحديث:١٣٦٦، ٣ /٤٥٩-٤٦٠)

شيخ عبدالحق محدث دهلوي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: الله عَزَّوَجَلَّ جا ولي هن فاني جهان کان هميشہ رهڻ واري گهر جي طرف روانا ٿي



www.dawateislami.net

ويندا آهن ۽ پنهنجي پروردگار وٽ زنده آهن انهن کي رزق ڏنو ويندو آهي، اهي خوشحال آهن ۽ ماڻهن کي ان جي خبر ئي ناهي.

(اشعة اللمعات، کتاب الجهاد، باب حكم الاسراء ۳/، ۴۲۳-۴۲۴)

حضرت شاهه وَلِيُّ الله مُحدثِ دهلي رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه غوثِ پاڪ رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي شان بيان ڪندي لکن ٿا. پاڻ رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه پنهنجي قبرشريف ۾ زنده (ماڻهن) وانگر تصرف ڪن ٿا. (يعني با اختيار آهن.) ( همعات ، همعه 11 ص61)

حکمِ نافذ ہے تِرا خامہ تِرا سَیف تِری
دَم میں جو چاہے کرے دَور ہے شاہا تیرا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڪتاب "غوث پاڪ جا حالات" جو تعارف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حُضُور غوث اعظم رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جون وڏيڪ ڪرامتون ڄاڻڻ لاءِ دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مکتبة المدينه جي مطبوعه 106 صفحن تي مشتمل ڪتاب "غوث پاک کے حالات" جو مطالعو فائديمند آهي هن ڪتاب ۾ شيخ عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جون گهڻيون ئي ڪرامتون ۽ ان کان علاوه سندن جي ننڍپڻ جا واقعا علم ۽ پرهيزگاري، فرمان اوهان جي شان ۾ لکيل تعريفون ۽ اولياء ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی سندن سان گڏ عقيدت جو اظهار ڪي متعلق قول وغيره نهايت سني انداز ۾ ترتيب سان بيان ڪيا آهن، هن ڪتاب کي مکتبة المدينه جي شاخ تان هديتہً وني ڪري پاڻ به پڙهو ۽ ٻين اسلامي ڀائرن کي هن جو شوق ڏياريو. دعوت اسلامي جي ويب سائيٽ



www.dawateislami.net

www.dawateislami.net ڪان هن ڪتاب کي پڙهي سگهجي ٿو ۽ ڊائون لوڊ (download) ۽ پرنٽ آوٽ به ڪيو ويندو آهي.

## بيان جو خلاصو

مِنا مِنا اسلامي ڀائرؤ! اڄ اسان حُضُور غَوثِ اَعظم رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي شان و عظمت ۽ ڪرامتن جي باري ۾ ٻڌو ته اللّٰه عَزَّوَجَلَّ سندن جي ولايت کي ايترو بلند مرتبي تي فائز فرمايو، جو مشائخ اولياء مان ڪو به اوهان جي برابر نه هيو ۽ نه ئي ڪنهن صاحبِ ولايت کان ايتر قدر وڌيڪ ڪرامتون ظاهر ٿيون جيتريون پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه کا ظاهر ٿيون ، پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي نالي جي برڪت سان موذي جانورن کان نجات نصيب ٿي ويندي آهي ۽ مصيبت ۾ سندن کي پڪاريو وڃي ته پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي عطا سان مدد فرمائيندا آهن، پيدائشي انڌن ۽ ڪوڙه جي مريض اوهان جي در کان بينائي ۽ صحت جي دولت پائيندا هيا، مُرْدا اوهان جي ڪرامت سان زنده ٿيندا، ماڻهو سندن جي دعا سان مالي نقصانن کان محفوظ ٿيندا، چور، ڌاڙيل، فاسق ۽ فاجر طرح طرح جي گناهن ۾ مبتلا ماڻهو سندن جي هٿ تي توبه تائب ٿيندا، اوهان جي بيان ۾ شريڪ ماڻهن تي مينهن جي پريشاني ٿيندي ته سندن جي حڪم سان ڪَکَر صرف اجتماع جي شريڪ ماڻهن تي وسائڻ بند ڪري ڇڏيندا. سندن رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو شان ۽ عظمت جو اندازو هن ڳالهه کان لڳائي سگهجي ٿو ته جڏهن 5 سال جي عمر ۾ سندن جي بِسْمِ اللّٰه



www.dawateislami.net

جي رسم ھئي تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي اَعُوْذُ بِاللهِ ۽ بِسْمِ اللهِ ڪان پوءِ 18 سيپارا ياد پڙھي ٻڌائي ڇڏيا ، تہ ھي منھنجي امڙ کي ياد ھئا اھا پڙھندي رھندي ھئي تنھنڪري مون ان جي پيٽ ۾ ئي ياد ڪري ڇڏيا ھئا. الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي پنھنجي تمام سيني مقبول ٻانھن سان سچي محبت ۽ الفت نصيب فرمائي ۽ انھن جي نقشي قدم تي ھلڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِيْن بِجَاہِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## مجلس توقيت جو تعارف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرؤ! اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ سنّتن جي خدمت ۽ نيڪي جي دعوت کي عام ڪرڻ جي لاءِ تبليغ قرآن سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي جي تحت ھينئر تائين 97 ڪان وڌيڪ شعبن جو قيام عمل ۾ اچيو ويو آھي انھن شعبن مان ھڪ ”مجلس توقيت“ بہ آھي توقيت مان مراد اھو علم آھي جنھن جي مدد سان دنيا جي ڪنھن بہ جڳھ جي لاءِ پنج وقت جي سج اڀرڻ ۽ سج لھڻ، نصف النهار جا وقت معلوم ڪيا ويندا آھن. ۽ صحيح قبلي جو طرف مقرر ڪيو ويندو آھي. اعلٰي حضرت امام اھلسنّت، مجدد دين ملّت، پروانہءِ شمع رسالت، مولانا شاھ امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن پنھنجي ھڪ خط ۾ ھن علم جي اھميت متعلق فرمايو علامہ ابن حجر مکي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ”الزواجر“ ۾ ھن ”علم“ کي فرض ڪفايہ لکيو آھي. حوالو نماز جي تصحيح جو مسئلو ھجي يا روزي جي درستگيءَ جو، ان جا احڪام علم توقيت سان لاڳاپيل آھي نماز ۽ روزي جو وقت ڪيپي يا ٺيڪ قبلي جو مقرر ٿيڻ ھن علم جي بغير ممڪن ناھي پيلي مسجد جي



www.dawateislami.net

عمارت ڪان قبلي جو طرف معلوم نہ ٿي سگھي ٿو پر قبلي طرف مسجد تعمير ڪرڻ لاءِ هن فن جو سمجھڻ ضروري آهي تنهن ڪري هن علم جي اهميت ۽ افاديت جي پيش نظر تبليغ قرآن سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلام جي تحت بقاعده شعبو قائم آهي جنهن جو ڪم علم توقيت جي ذريعي مختلق جڳهن تي نماز ۽ روزن جا وقت صحيح نقشا تيار ڪرڻ سان گڏو گڏ ان علم کي عام ڪرڻ بہ آهي.

اَلْحَمْدُلِلّٰہعَزَّوَجَلَّ مجليس توقيت هينئر تائين نہ صرف علم توقيت جي اصول ۽ قاعدن جي مطابق بيشمار شهرن جا اوقات صلواة جا نقشا تيار ڪيا آهن ۽ ان سلسلي ۾ پڻ هڪ قدم وڌائيندي دعوت اسلامي جي مايہ ناز مجلس آئي ٽي جي تعاون سان هڪ اهڙو سافٽ ويئر بنام ”اوقات صلواة“ بہ متعارف ڪرايو آهي جيڪو ڪمپيوٽر ۽ موبائل وغيره جي صحيح وقت جي ڄاڻ ۾ وڏيڪ مفيد آهي جيئن تہ سافٽ ويئر جي ذريعي پوري دنيا جا تقريباً 27 لک جڳهن جڏهن تہ موبائل اپليڪيشن (Mobile Application) جي ذريعي تقريباً 10 هزار جڳهن جا صحيح نماز جا وقت ۽ قبلي جو طرف آسانيءَ سان معلوم ڪيو ويندو آهي. نظام الاقات متعلق ڪنهن بہ قسم جو مسئلو يا تجويز هجي تہ مجلس جي ذميدارن ڪان عالمي مدني مرڪز جي فون نمبر تي هن اي ميل ايڊريس (prayer@dawateislami.net) جي ذريعي رابطو ڪري سگھجي ٿو عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ باب المدينہ ڪراچي مان مڪتب جي مخصوص وقت ۾ توقيت مڪتب ۾ ملاقات ڪري رهنمائي بہ وني



www.dawateislami.net

سکگهجي ٿي.

اللہ کرم ایسا کرے تجھ میں جہاں میں　　　اے دعوتِ اسلامی تری دُھوم مچی ہو

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب!　　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## 12 مدني ڪمن مان هفتي وار هڪ مدني ڪم ”هفتي وار سنّتن ڀريو اجتماع ۾ شرڪت“ به آهي

اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! گناهن ڀري زندگي کان تائب ٿي ڪري نيڪي ڪرڻ ۽ نيڪي جي دعوت کي عام ڪرڻ جي لاءِ ذيلي حلقي جي مَدَني ڪمن ۾ اڳتي وڌي ڪري حصّو وٺو. ذيلي حلقي جي ٻارنهن مَدَني ڪمن مان هڪ مَدَني ڪم هفتيوار سُنّتن ڀري اجتماع ۾ اوّل تا آخر شرڪت به آهي. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ علمِ دِين کان مالامال اهڙي اجتماع ۾ شرڪت جون وڏيون برڪتون آهن. علمِ دين جي محفل ۾ شرڪت جو ثواب ملندو آهي ۽ علمِ دين سکڻ جي فضيلت جي باري ۾ حديث ِپاڪ ۾ آهي ته: جيڪو شخص علم جي طلب ۾ ڪنهن رستي تي هلي، الله عَزَّوَجَلَّ ان کي جَنَّت جي رستي تي وٺي ويندو آهي ۽ طالبِ علم جي خُوشنودي جي لاءِ فِرِشتي پنهنجا پَر وڇائي ڇڏيندا آهن. (سنن الترمذی"،کتاب العلم،باب ماجاء في فضل الفقه على العبادة، الحديث:۲۶۹۱،ج۴،ص۳۱۲.)

هفتيوار سُنّتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت ڪري علمِ دين حاصل ڪرڻ جون به وڏيون برڪتون آهن. اڇو! هفتيوار اجتماع ۾ شرڪت



www.dawateislami.net

جي هڪ مَدَني بهار پيش ڪريان ٿو.

## سينما گهر جي مالڪ جي توبہ

بابُ الاسلام سنڌ جي مشهور شهر زَم زَم نگر (حيدرآباد) جي هڪ اسلامي ڀاءُ ڪجهه هن طرح ٻڌايو تہ تقريباً 1991ع جي ڪنهن هفتي وار سنّتن ڀري اجتماع واري رات جي ڳالهہ آهي، منهنجي ملاقات هڪ سينما گهر جي مالڪ سان ٿي اهو شرابي ۽ گناهن جو عادي هو. مون انفرادي ڪوشش ڪري هن کي تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سُنّتن ڀري اِجتماع جي دعوت پيش ڪئي، اهو مون سان گڏ هليو آخر دعا جي دوران سينما گهر جي مالڪ جي حالت تبديل ٿي وئي جڏهن تہ دعا ختم ٿيڻ کان پوءِ بہ هن جون اڇگارون بند نہ ٿيون. پوءِ هن ٻڌايو تہ جڏهن دعا جي لاءِ هٿ کنيا ۽ اکيون بند ڪيون تہ ائين لڳو جئين دعا جي بَرَڪت سان منهنجي دل جي سختي ڀري ٿي هئي، مونکي پنهنجا ڪيل گناهہ ياد اچڻ، انهن جو انجام ڊڄائڻ ۽ خوفِ خدا عزوجل ۾ روئڻ لڳس. اهڙي طرح جنهن وقت منهجي اک بند ٿي ائين مان پنهنجي پاڻ کي مدينہ منّوره ۾ سائي گنبذ ڀرسان هر طرف نُور وسي رهيو هو. ٿوري ٿوري خُوشبو سان فضا مهڪي رهي هئي. مان ڪافي دير تائين سائي روضي جا جلوه پنهنجي دل کي منّور ڪري ۽ روئيندو رهيس. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ گذريل گناهن کان توبہ ڪري ڇڏي.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجهه سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدارِ رسالت،



www.dawateislami.net

شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.

(مشکوٰۃ ج 1 ص 55 حديث 175)

## ننهن ڪٽڻ جي سنّت ۽ آداب

اچو! شيخ طريقت امير اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي 101 مدني گل مان ننهن ڪٽڻ جي سنّت ۽ آداب ٻڌون ٿا.

جمعي جي ڏينهن ننهن ڪٽڻ مستحب آهن. ها جيڪڏهن وڌي ويا هجن ته جمعي جو انتظار نه ڪريو. (درمختار ج 9 ص 668) صدرُالشَّريعه، بدرالطَّريقه مفتي محمد امجد علي اعظمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ القوي بهار شريعت، جلد 3 ص 583 ۾ فرمائن ٿا: منقول آهي؛ ”جيڪو جمعي جي ڏينهن ننهن ڪٽي الله تعاليٰ اُن کي ٻئي جمعي تائين مصيبتن کان محفوظ رکندو ۽ ٽي ڏينهن وڌيڪ يعني ڏهه ڏينهن تائين. (مرقاةالمفاتيح ج 8 ص 212 تحت الحديث 4422)

هڪ روايت ۾ هي به آهي ته جيڪو جمعي جي ڏينهن ننهن ڪٽي ته رحمت نازل ٿيندي ۽ گناهه ڇڻندا. (درمختار و ردالمحتار ج 9 ص 668) ﴿2﴾ هٿن جا ننهن ڪٽڻ جي منقول طريقي جو خلاصو پيش خدمت آهي: پهرين ساڄي هٿ جي شهادت واري آڱر کان شروع ڪري ترتيبوار چيچ سميت ننهن ڪٽيا وڃن پر آڱوٺو ڇڏيو وڃي، هاڻي کٻي هٿ جي چيچ کان شروع ڪري ترتيبوار آڱوٺي سميت ننهن ڪٽيو، پوءِ هاڻي آخر ۾ ساڄي هٿ جي آڱوٺي جو ننهن



www.dawateislami.net

ڪٽيو وڃي. (درمختار و ردالمحتار، ج 9 ص 670، احياءُ العلوم، ج 1، ص 193) ﴿3﴾ پيرن جي ننهن ڪٽڻ جي ڪا ترتيب منقول ناهي. بهتر اهو آهي ته ساڄي پير جي چيچ کان شروع ڪري ترتيبوار آڱوٺي سميت ننهن ڪٽيو پوءِ کاٻي پير جي آڱوٺي کان شروع ڪري چيچ سميت ننهن ڪٽيو. (درمختار، ج 9 ص 670) ﴿4﴾ جنابت جي حالت (يعني غسل فرض ٿيڻ جي صورت) ۾ ننهن ڪٽڻ مڪروهه آهي. (فتاويٰ عالمگيري ج 5 ص 358) ﴿5﴾ ڏند سان ننهن ڪٽڻ مڪروهه آهي ۽ ان سان برص (يعني ڪوڙهه) جي بيماري ٿيڻ جو انديشو آهي. (ايضًا) ﴿6﴾ ننهن ڪٽڻ کان پوءِ انهن کي دفن ڪري ڇڏيو ۽ جيڪڏهن اڇلائي ڇڏيو ته به حرج ناهي. (ايضًا) ﴿7﴾ ڪٽيل ننهن بيتُ الخلا يا غسل خاني ۾ اڇلائڻ مڪروهه آهن، جو ان سان بيماري پيدا ٿئي ٿي. (ايضًا) ﴿8﴾ اربع جي ڏينهن نُنهن نه ڪٽڻ گهرجن، ڇوته ڪوڙهه جي بيماري ٿيڻ جو انديشو آهي البت جيڪڏهن اوڻٽاليهه ڏينهن کان نه ڪٽيا هئا، اڄ اربع چاليهون ڏينهن آهي جيڪڏهن اڄ نه ڪٽيا ته چاليهه ڏينهن کان وڌيڪ ٿي ويندا ته اُن تي واجب ٿيندو ته اڄ جي ئي ڏينهن ڪٽي ان ڪري جو چاليهه ڏينهن کان وڌيڪ ننهن رکڻ ناجائز ۽ مڪروهه تحريمي آهي. (تفصيلي معلومات جي لاءِ فتاويٰ رضويه جلد 22 صفحو 574، 685 ملاحظ فرمايو) ﴿9﴾ ڊگها ننهن شيطان جي نشست گاهه آهن يعني انهن تي شيطان ويهندو آهي. (اتحاف السادة للزبيدي ج 2 ص 653)

هزارين سنّتون سکڻ جي لاءِ مکتبة المدينه جا شايع ٿيل به ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهار شريعت“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”سنّتيں اور آداب“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنّتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ



www.dawateislami.net

سنّتن ڀريو سفر آهي. (101مَدَنی پهول،ص۲۷)

عاشقانِ رسول،آئیں سنت کے پھول دینے لینے چلیں، قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀريي اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### (1) جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِیِّ الْاُمِّیِّ الْحَبِیْبِ الْعَالِی الْقَدْرِ الْعَظِیْمِ الْجَاهِ وَعَلٰی اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي ته جيڪو شخص هر جمعرات (جمعه ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت به ايستائين هو ڏسندو ته سرڪار مدينه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.(1)

### (2) سمورا گُناه مُعاف

---

[1]...افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاۃ السادسۃ والخمسون، ص151ملخصًا



www.dawateislami.net

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰی اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[2]

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[3]

## (4) ڇهہ لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِیْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الهَادِی ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهہ لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[4]

---

[2] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

[3] ...القول البديع، الباب الثانی، ص277،

[4] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149



www.dawateislami.net

## (5) قُربِ مُصطفٰي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابہَ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُمۡ کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.(5)

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.(6)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

---

5 …القول البديع، الباب الاول، ص125

6 … الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١



www.dawateislami.net

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَی اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُمَا کان رِوايت آهي ته سرڪارِ مدينه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[7]

## (2) ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[7] … مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة…الخ،254/10،حديث:17305



www.dawateislami.net